ترقي ڪرڻ لاءِ ٽن مکيه اصولن تي عمل ڪرڻ جي هدايت ڪئي. اهي مکيه اصول هي هئا: اتحاد، تنظيم ۽ ايمان.

دنيا ۾ جيڪي به نالي وارا انسان ٿي گذريا آهن، اهي سيئي پڪو ارادو ۽ يقين محڪم رکندا هئا. اسان جو قائداعظم محمد علي جناح پڻ دنيا جي ناميارن اڳواڻن مان هڪ آهي، جنهن اتحاد، تنظيم ۽ يقين محڪم جي عمل سان پنهنجي قوم کي آزاديءَ جي نعمت سان نوازيو.

## مشق

### ا هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. ڪنهن قوم ۾ تنظيم نه هوندي ته ڇا ٿيندو؟

ج. ڪنهن قوم ۾ تنظيم نه هوندي ته اها قوم اڳتي نه وڌي سگهندي.

2. امن واري ماحول ۾ ماڻهو پنهنجي ملڪ لاءِ ڇا ڪندا؟

ج. اَمن واري ماحول ۾ ماڻهو خوش رهندا ۽ پنهنجي ملڪ لاءِ نيون نيون ايجادون ڪري سگهندا.

3. قومي ترقيءَ جو دارومدار ڇا تي آهي؟

ج. قومي ترقيءَ جو دارومدار ايمان ۽ اتحاد تي آهي.

4. ارادي جي مضبوطيءَ مان ڇا مراد آهي؟

ج. جيستائين ڪنهن قوم کي پنهنجي عمل جي صداقت تي پورو يقين نه هوندو، تيستائين اُها قوم دنيا ۾ ڪو ڪارنامو ڏيکاري نه سگهندي. دنياجون عاليشان عمارتون ۽ وڏا سهڻا باغ سڀ مضبوط ارادي جي ڪري ٺهيا آهن.

## ب هيٺيان خال پريو:

1. هر ڪم جي پورائي لاءِ ____اتحاد____ ضروري آهي.
2. ____قائداعظم رح____ بيشڪ دنيا جي ناليوارن اڳواڻن مان آهي.
3. اسان کي پنهنجي ملڪ ۽ قوم لاءِ ڏينهن رات ____محنت____ ڪرڻ گهرجي.
4. ڪوئي به ڪم شروع ڪرڻ کان پهريان ان بابت ____رٿابندي____ ضروري آهي.
5. انهيءَ مان ثابت آهي ته قومن جي ترقيءَ جو ____دارومدار____ ايمان ۽ اتحاد تي آهي.

## ج صحيح جملي جي سامهون "ص" ۽ غلط جملي جي سامهون "غ" لکو.

1. جيڪڏهن ماڻهن ۾ نفاق هوندو ته اهي ملڪ ۽ قوم جي ترقيءَ لاءِ ڪم ڪري سگهندا. **غ**
2. انهيءَ جو مطلب ته جتي اتحاد هوندو اتي ئي امن هوندو. **ص**
3. قومن جي ترقيءَ جو دارو مدار ايمان ۽ اتحاد تي آهي. **ص**
4. هن دنيا ۾ اهي قومون زنده رهي سگهنديون آهن جن ۾ ايمان ۽ ٻَڌي هوندي آهي. **ص**
5. ڪوئي به ڪم شروع ڪرڻ کان پهريان انهيءَ بابت رٿابندي ضروري نه آهي. **غ**

## د هيٺين لفظن جا ضد لکو.

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| زنده | مرده | هارائڻ | کٽڻ |
| ڏاهپ | بي وقوفي | امن | جنگ |
| اتحاد | نفاق | مضبوطي | ڪمزوري |

## ج لفظن جي معنيٰ لکوءِ جملن ۾ ڪم آڻيو.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| عروج | بلندي |
| جملو | عروج حاصل ڪرڻ لاءِ سخت محنت ڪرڻي پوندي آهي. |
| مراد | مقصد |
| جملو | اَسان سخت محنت ۽ جدوجهد ڪري پنهنجي مراد تي پهچنداسين. |
| دارومدار | انحصار |
| جملو | ملڪ جي ترقيءَ جو دارومدار ان جي عوام جي محنت تي آهي. |
| صداقت | سچائي |
| جملو | اَسان کي پنهنجي ملڪ لاءِ صداقت سان ڪم ڪرڻ گهرجي. |

سبق 24

# اسلامي جمهوريه ايران





## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| پاڙيسري | پر ۾ رهندڙ | جيان | جهڙو |
| نهايت | تمام | مهذب | خوش اخلاق |
| تسليم ڪرڻ | قبول ڪرڻ | سهڪار | ساٿ ڏيڻ |
| انقلاب | تبديلي | جمهوريت | عوام |
| سربراهه | سرپرست | صدر | اڳواڻ |
| سدائين | هميشه | مؤقف | مقصد |
| پنيرائي | مدد | واسطا | تعلق |

## سبق جو خلاصو

اسلامي جمهوريہ ايران دنيا جي قديم ملڪن مان هڪ آهي. قديم زماني ۾ هن ملڪ تي آتش پرست، يعني باهہ جا پوڄاري، جن کي مجوسي چيو ويندو هو، سي حڪومت ڪندا هئا. روم ۽ ايران ان زماني ۾ دنيا جون بہ وڏيون طاقتور حڪومتون هيون.

سن 31 هجري مطابق 662ع ۾ ايران اسلامي دائري ۾ داخل ٿيو. ايران ۽ پاڪستان جا پاڙ ۾ ويجها لاڳاپا آهن. ائين ڪٽي چئجي تہ ٻئي ملڪ هڪٻئي سان سڳن ڀائرن جيان محبت ڪن ٿا ۽ ٻنهي ملڪن جون ٻوليون بہ هڪٻئي جي ويجهو آهن.

ايران جي گاديءَ جو هنڌ تهران آهي. ان کان سواءِ ٻيا ڪيترائي قديم ۽ تاريخي شهر شيراز، اصفهان، مشهد، قم ۽ زاهدان مشهور آهن. ايراني ماڻهو نهايت ئي مهذب، خوش اخلاق ۽ بردبار آهن. ايران ۾ ڪيتريون ئي يونيورسٽيون ۽ تعليمي ادارا آهن، جن ۾ تعليم مفت ڏني وڃي ٿي. ايران جي وڏي دولت تيل آهي، جنهن سان ملڪ جي خوشحالي لاڳاپيل آهي.

ايران اهو پهريون ملڪ آهي، جنهن آزاديءَ کان پوءِ پاڪستان کي تسليم ڪيو. ايران جو اڳوڻو شهنشاهہ رضا شاهہ پهلوي پهريون حڪمران هو، جنهن 1950ع ۾ پاڪستان جو دورو ڪيو، جڏهن تہ ايران ۽ پاڪستان تجارت ۾ هڪٻئي جا مددگار رهندا آيا آهن. اقتصادي سهڪاري تنظيم (E.C.O) جيڪا ترقي ۽ علائقائي سهڪار واري تنظيم آهي. ان جو پهريون اجلاس تهران ۾ منعقد ٿيو.

ايران ۾ فيبروري 1979ع ۾ انقلاب اچڻ کانپوءِ اڍائي هزار سالن کان قائم شهنشاهي نظام جو خاتمو ٿيو. هن وقت ايران ۾ جمهوريت آهي، جنهن کي پنهنجي پارليامينٽ آهي. ملڪ جو سربراهہ صدر آهي، جيڪو پنهنجي وزيرن جي مدد سان حڪومت هلائي ٿو.

# مشق

## ا هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. ايران جي گاديءَ جو هنڌ ڪهڙو آهي؟

ج. ايران جي گاديءَ جو هنڌ تهران آهي.

2. ڪهڙي عيسوي سال ۾ ايران، اسلام جي دائري ۾ داخل ٿيو؟

ج. سال 662ع واري سال ۾ ايران اسلامي جي دائري ۾ داخل ٿيو.

3. پاڪستان ۽ ايران جا لاڳاپا ڪهڙي قسم جا آهن؟

ج. پاڪستان ۽ ايران جا لاڳاپا مذهبي ۽ واپاري آهن.

4. آڳاٽي زماني ۾ ايران تي ڪنهن جي حڪومت هئي؟

ج. آڳاٽي زماني ۾ ايران تي آتش پرست يعني باهه جي پوڄارين جي حڪومت هئي.

## ب هيٺيان خال ڀريو:

1. ايران مان شهنشاهي نظام سال 1979ع ۾ ختم ٿيو.
2. ايران ۽ پاڪستان جا پاڻ ۾ واپاري لاڳاپا آهن.
3. ايران جي گاديءَ جو هنڌ تهران آهي.
4. اي سي او اقتصادي سهڪار جي هڪ تنظيم آهي.
5. ايران ۾ ملڪ جو سربراهه صدر آهي.

## ج صحيح جواب چونڊيو.

1. اسان جي ملڪ پاڪستان جي اولهه ۾ اسلامي رياست اسلامي جمهوريه ايران آهي.

(i) اولهه ✓ (ii) اوڀر (iii) اتر

2. ايران ۽ پاڪستان جا پاڻ ۾ ___واپاري___ لاڳاپا آهن.

(i) زرعي (ii) صنعتي (iii) واپاري✓

3. هي ملڪ پاڪستان جو تمام سنو پاڙيسري ۽ ___دوست___ ملڪ آهي.

(i) دشمن (ii) دوست✓ (iii) ذميوار

4. ___اي سي او___ اقتصادي سهڪار جي هڪ تنظيم آهي.

(i) اي بي او (ii) اي سي او✓ (iii) اي ڊي او

5. ان ۾ ___چار___ ٽيڪنيڪل ڪميٽيون مقرر ڪيون ويون
تہ جيئن خاص شعبن ۾ ترقي ڪري سگهجي.

(i) چار ✓ (ii) پنج (iii) ڇهہ

## د هيٺين لفظن جا ضد لکو.

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| گهاٽا | ڇڙا | لائق | نالائق |
| بداخلاق | خوش اخلاق | عام | خاص |
| قريب | پري | طاقت | ڪمزوري |

## ر لفظن جي معنيٰ لکو۽ جملن ۾ ڪم آڻيو.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| نظام | سرشتو |
| جملو | هي سمورو نظام الله تعاليٰ جي حڪم سان هلي رهيو آهي. |
| سهڪار | مدد |
| جملو | اي-سي-او اقتصادي سهڪار جي هڪ تنظيم آهي. |

| | |
|---|---|
| پنيرائي | مدد |
| جملو | ڪشمير جي مسئلي تي ايران سدائين پاڪستان جي مؤقف جي پنيرائي ڪندو رهيو آهي. |
| انقلاب | تبديلي |
| جملو | اسلامي انقلاب اَچڻ ڪان پوءِ پراڻي شهنشاهي نظام جو خاتمو ٿيو. |
| جمهوريت | عوامي حڪومت |
| جملو | هن وقت ايران ۾ جمهوريت آهي. |

# وطن جي حب

## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| وطن | ملڪ، ديس | ليل ونهار | رات ۽ ڏينهن |
| ترانو | گيت | حُب | سڪ |
| سر | متو | خمار | نشو |
| خاڪ | متي | نثار | قربان |
| پار | پاسي | گويا | چڻ ته |
| چمن | باغ | آشيانو | رهڻ جو جاءِ |
| قبول | منظور | خزان | سرءُ |
| لاجواب | بي مثال | خار | ڪنڊو |
| خزانو | دولت | سستائي | سهانگائي |

## بيتن جي سمجهاڻي

وطن ئي ته هرڪنهن جي پهچان آهي،
وطن سان ڪرڻ پيار ايمان آهي.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعره ”ناديہ نُور“ چوي ٿي ته اسان جي سڃاڻ اسان جو وطن ئي آهي ۽ انهيءَ سان پيار ڪرڻ ايمان جو جزو آهي.

پکين جي بہ آهي وطن سان محبت،
ورڻ لئہ وطن ڪيڏي ڪن ٿا مشقت.

سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعره ”ناديہ نُور“ چوي ٿي ته پکين جي پنهنجي وطن سان ڪيڏي محبت آهي، جو سڄو ڏينهن پنهنجي خوراڪ جي تلاش ڪرڻ ڪانپوءِ پنهنجي گهرن ڏانهن واپس ٿا اچن.

ملي ديس ۾ ٿو سڪون دل کي ڪيڏو،
نہ ايندو آ آرام ٻئي هنڌ ايڏو.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعره ”ناديہ نُور“ چوي ٿي تہ پنهنجي وطن ۾ ڪيڏو سڪون ملندو آهي، جيڪو ٻيءَ ڪنهن جاءِ تي نہ ملندو آهي.

خوشيءَ جا سمورا نظارا ملن ٿا،
هتي سڀ جا سڀ ماڻهو پيارا ملن ٿا.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعره ”ناديہ نُور“ چوي ٿي تہ اسان جي ملڪ ۾ هر پاسي خوشي آهي ۽ هتي سيئي ماڻهو پيار ڪرڻ وارا ماڻهو آهن.

هي ذرتي امن، پيار واري آ ذرتي،
هي قدرت جو تحفو پلاري آ ذرتي.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعره ”ناديہ نُور“ چوي ٿي تہ اسان کي الله پاڪ تمام پياري ذرتي عطا فرمائي آهي، جو هتي امن ۽ پيار آهي.

هي سرسبز آهي ۽ شاداب آهي،
اسان جو وطن جڳ ۾ ناياب آهي.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعره ”ناديہ نُور“ چوي ٿي تہ اسان جو وطن ڏاڍو خوشحال آهي، ۽ سڄيءَ دنيا ۾ هي ناياب ملڪ آهي.

وطن جي ڪري جيڪي قربان ٿين ٿا،
اهي ئي سچا ”نُور“ انسان ٿين ٿا.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعره ”ناديہ نُور“ چوي ٿي تہ جيڪي ٻہ پنهنجي وطن جي حفاظت ڪندي مٿس قربان ٿي وڃن ٿا، حقيقت ۾ اهي سچا انسان آهن.

# مشق

## ا هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. هر ڪنهن جي پهچان ڇا آهي؟

ج: هر ڪنهن جي پهچان وطن آهي.

2. اسان جي ڌرتي ڪهڙي قسم جي ڌرتي آهي؟

ج: اَسان جي ڌرتي اَمن ۽ پيار واري ڌرتي آهي.

3. شاعره جي نظر ۾ سچا انسان ڪهڙا آهن؟

ج: شاعره جي نظر ۾ سچا اِنسان اُهي آهن جيڪي وطن لاءِ قربان ٿين ٿا.

## ب هيٺيان خال ڀريو:

1. پکين کي بہ آهي وطن سان محبت.
2. خوشيءَ جا سمورا نظارا ملن ٿا.
3. هي سر سبز آهي ۽ شاداب آهي.
4. اُهي ئي سَچا نُور انسان ٿين ٿا.

## ج هيٺين لفظن جا ضد لکو.

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| امن | جنگ | ماٺھو | جانور |
| محبت | نفرت | خوشي | غم |
| اصل | نقل | ڌرتي | آسمان |

## د لفظن جي معنيٰ لکوءِ جملن ۾ ڪم آڻيو.

| لفظ | معنيٰ |
| --- | --- |
| سڪون | آرام |
| جملو | جيترو پنهنجي وطن ۾ سڪون ملندو آهي اوترو ٻئي ڪنهن ملڪ ۾ نہ ملندو آهي. |
| سڃاڻپ | پهچان |
| جملو | هر ڪنهن جي سڃاڻپ پنهنجي وطن سان هوندي آهي. |
| ورڻ | موٽڻ |
| جملو | پکي پنهنجي وطن ڏانهن ورڻ لاءِ تمام مشقت ڪندا آهن. |

# شهريءَ جا فرض

## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| مستقل | مضبوط | رهاڪو | رهواسي |
| وفادار | سچو | سنيال | خيال |
| خلوص | محبت | احترام | عزت |
| تعاون | مدد | علاوه | ٻيو / سواءِ |
| سکيو | خوش | روزگار | ڌنڌو |
| ذريعي | وسيلي | آگاھ ڪرڻ | ڄاڻ ڏيڻ |
| سهولتون | آسانيون | شمار | ڳڻپ |

### سبق جو خلاصو

جيڪو ماڻهو شهر ۾ رهي ٿو، ان کي شهري چئبو آهي، جيڪو ماڻهو ڪنهن ملڪ جو مستقل رهاڪو هجي ۽ ان جو قومي سڃاڻپ ڪارڊ پڻ رکندو هجي ۽ ڪيس ان ملڪ ۾ ووٽ ڏيڻ جو حق حاصل آهي، تہ اهڙي ماڻهوءَ کي ان ملڪ جو شهري سڏبو. هر اهو ماڻهو جنهن کي ملڪ جي شهريت حاصل آهي، پوءِ شهر ۾ رهي يا ٻهراڙيءَ ۾، ان کي ملڪ جو شهري سڏيو ويندو آهي.

هر شهريءَ جو اهم فرض اهو آهي تہ هو پنهنجي رياست سان وفادار رهي. هن ۾ حب الوطنيءَ جو جذبو هئڻ گهرجي. ائين جيئن هو پنهنجي ملڪيت ۽ ٻارن ٻچن کي سنڀالي ٿو، تيئن پنهنجي ملڪ کي ٻہ

ساهہ وانگر ساندي، پنهنجي ذاتي مفادن کي، قومي مفادن تان قربان ڪري. هر شهري پنهنجي ملڪ اندر ڪنهن جهيڙي فساد کي اڀرڻ نہ ڏئي ۽ هر بغاوت جيڪا ملڪ لاءِ هاڃيڪار هجي، ان کي ختم ڪرڻ ۾ حڪومت جو ساٿ ڏئي. اسان جو ملڪ اسان جي گهر وانگر آهي ۽ اسين ڄڻ تہ گهر جا ڀاتي آهيون. هر شهريءَ کي علائقائي تعصب کان بالاتر ٿي، قومي مفادن لاءِ سوچڻ گهرجي. جيڪڏهن ملڪ جي سالميت خطري ۾ آهي تہ جاني ۽ مالي قرباني ڏيڻ ۾ دير نہ ڪجي.

هر شهريءَ جو فرض آهي تہ هو قانون جي پاسداري ڪري قانون مطابق هلي ۽ ان جي نافظ ڪرڻ ۾ حڪومت سان سهڪار ڪري. جيڪڏهن ائين نہ ڪبو تہ سياسي استحڪام برقرار رهي نہ سگهندو.

هر شهريءَ جو فرض آهي تہ محصولن جي ادائگي ايمانداريءَ سان ڪري. ٽيڪس پوري وقت تي ادا ڪيا وڃن. ائين ڪرڻ سان عوام جي ڀلائيءَ لاءِ حڪومت جيڪي رٿائون ٺاهيندي، اسين انهن کي ڪامياب بڻائڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪري سگهون ٿا، جيئن ملڪي پيداوار وڌائڻ، تعليم عام ڪرڻ، بيمارين کان بچڻ لاءِ ٽڪا لڳائڻ، پنهنجي صحت کي سالم رکڻ جهڙن اصولن تي عمل ڪرڻ ۽ ملڪ جي وڌندڙ آباديءَ تي ضابطو رکڻ پڻ شهرين جي فرضن ۾ شامل آهن.

ووٽ جو صحيح استعمال ڪرڻ هر شهريءَ جو فرض آهي. هر شهريءَ کي پنهنجي راءِ جو اظهار ڪرڻ وقت ذات، برادري ۽ هر قسم جي تعصب بازيءَ کان پري ٿي، ايماندار ۽ قابل اميدوارن کي ووٽ ڏيڻ گهرجي، جيئن هڪ مضبوط ۽ مستحڪم حڪومت ٺهي سگهي. ووٽ ڏيڻ وقت بلڪل ايمانداريءَ سان هن فرض کي ادا ڪرڻ گهرجي. هن فرض ۾ ڪابہ خيانت نہ ڪرڻ گهرجي.

اسان جا چونڊيل نمائندا رشوت ۽ سفارش جي پاڙ پٽي، تعليم کي عام ڪرڻ ۾ مدد ڏيندا. ائين اسان کي قابليت جي بنياد تي روزگار ملي

سگهندو. جيڪڏهن اسان مان ڪنهن کي حڪومت ۾ ڪو عهدو ملي ته هو ان کي ايمانداريءَ سان هلائي، اهو به شهرين جي فرض ۾ شامل آهي. هر شهريءَ کي تعليم حاصل ڪرڻ جو حق آهي. هن جي ذميواري آهي ته پنهنجي اولاد کي تعليم ڏياري. ان ۾ صحيح سمجهه پيدا ٿيندي ۽ شعور ۾ اضافو ايندو.

## مشق

### ا هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. شهري ڇاکي چئبو آهي؟

ج. ڪوئي ماڻهو ڪنهن به ملڪ جو مستقل رهاڪو هجي ۽ ان کي ان ملڪ جو قومي سڃاڻپ ڪارڊ هجي ۽ ان شخص کي ووٽ ڏيڻ جو حق پڻ حاصل هجي ته ان کي ان ملڪ جو شهري چئبو آهي.

2. ووٽ ڏيڻ ۾ شهرين کي ڪهڙو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي؟

ج. شهرين کي پنهنجو قيمتي ووٽ صحيح نموني سان استعمال ڪرڻ گهرجي.

3. ملڪ ڪهڙين ڳالهين جي ڪري ترقي ڪندو آهي؟

ج. ملڪ جي قانون جو احترام ڪري ملڪ جي بهتريءَ لاءِ حڪومت سان گڏجي بهتر رٿابندي ڪرڻ ۾ تعاون ڪجي ۽ ٽيڪس وغيره به هر شهريءَ کي ايمانداريءَ سان ادا ڪرڻ گهرجي، انهيءَ سان ملڪ ترقي ڪندو.

4. اسان کي ڪهڙي قسم جا نمائندا چونڊڻ گهرجن؟

ج. اسان کي اُهي نمائندا چونڊڻ گهرجن، جيڪي بنا ڪنهن فرق جي خدمت ڪرڻ جي سوچ رکندڙ هجن ۽ لائق انسان هجن.

### ب هيٺيان خال ڀريو:

1. اسان جو ملڪ اسان لاءِ ____سهارو____ آهي.

2. هر شهريءَ جو اهو فرض آهي تہ هو پنهنجي رياست سان وفادار رهي.

3. هر شهريءَ کي ملڪ جي قانون جو اِحترام ڪرڻ گهرجي.

4. اسان کي پنهنجو قيمتي ووٽ پڻ صحيح نموني سان استعمال ڪرڻ گهرجي.

## ج هيٺين اصطلاحن جي معنيٰ ٻڌايو.

| اصطلاح | معنيٰ | جملا |
|---|---|---|
| پاڙ پٽڻ | ختم ڪرڻ | اَسان کي جاهليت جي پاڙ پٽڻ گهرجي. |
| ٻيڙو ٻوڙڻ | وڏو نقصان ڪرڻ | اسان کي ڪنهن جو ٻيڙو ٻوڙڻ نہ گهرجي. |
| سک جو ساهہ کڻڻ | خوشيءَ سان رهڻ | هرڪو پنهنجي ملڪ ۾ سک جو ساهہ کڻي ٿو. |

# روم شهر ۾ (سفرنامو)



## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| نظارو | منظر | مهل | وقت |
| جديد | نئون | تعمير | اڏاوت |
| عوام | ماڻھو | قديم | پراڻو |
| گرجا | چرچ/عيسائين جي عبادت گاھ | مقدس | پاڪ |
| لطف | مزو | پوپ | عيسائين جو مذهبي اڳواڻ |
| لافاني | نہ ختم ٿيڻ وارو | | |

## سبق جو خلاصو

روم شهر ۾ گھڙڻ سان عجيب احساس ٿيو. اھو احساس تہ هتي حال ۽ ماضي هڪٻئي کي ياڪر پائي بيٺا آهن. روم تاريخ جو شهر، تمدن جو شهر، سنگ تراشيءَ جو شهر آهي. ٿوئر ڪمپنيءَ جي بس ۾ ويني شهر جو نظارو ڪرڻ لڳاسين تہ گائيڊ اسان کي ٻڌايو تہ هي ”ول بورجس“ آهي، يعني هي سدابهار باغ. يعني هن باغ ۾ اهڙا وڻ ۽ گل آهن، جيڪي

هر موسم ۾ تازا رهندا آهن. ان کان پوءِ ”آرچين ديوار“ آئي، جيڪا ٽين صدي عيسويءَ ۾ ٺهي هئي. بس بئنڪ آف اٽليءَ جي عمارت وٽان لنگهي، جيڪا جديد فن جو نادر نمونو آهي. روم شهر جي تعمير ۾ صدين جو سفر آهي. روم قديم به آهي ته جديد به. روم وقت سان اڳتي وڌيو آهي. موئن جي دڙي وانگر وقت سان قدم نه ملائي سگهڻ جي ڪري رڳو تاريخ ۽ ميوزيم جي زينت نه ٿيو آهي. گائيڊ ٻڌايو ته هي سنگمرمر جا ونگ قديم دؤر جي شهر پناهه جي ديوار ۾ هئا، جن کي اڃان تائين محفوظ رکيو ويو آهي.

بس اچي ”ڪولوزم“ وٽ بيٺي. اها هڪ گول عمارت آهي، جنهن جي چؤڌاري دروازا آهن، جيڪي رستي جي ليول تي آهن. اها عمارت شينهن جي مقابلي ڏسڻ لاءِ ناهي ويئي هئي. رستي جي ليول تي شينهن جا پڃرا آهن ۽ آڏو ايرينا ۾ بيوس انسان شينهن جو کاڄ بڻبا هئا. پڃرن جا در کلندا هئا ته بکايل شينهن بدبخت ماڻهن کي چيري ڦاڙي سندن جسم رڙڪيندا هئا. اهو تماشو وقت جا بادشاهه ۽ اڌ لک ماڻهو ڏسندا هئا.

”روم جي عوام جي سينيٽ“ جي عمارت حضرت عيسيٰ عليہ السلام کان به اٺ صديون اڳ تعمير ٿي. روم جي چؤڌاري شهر پناهه جي پٽ، حضرت عيسيٰ عليہ السلام کان 400 سال اڳ جي تعمير ٿيل آهي ۽ اڃان به موجود آهي.

روم شهر جي سونهن سنگ تراشيءَ جي عظيم نمونن جي ڪري آهي. ان بعد قديم روم جي بادشاهه نيرو جو سونو گهر، ويٽيڪن جو شهر ۽ سٽين شئپل جي عمارت گهمي سون.

# مشق

## ا هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. سفر نامو ”روم شهر ۾“ ڪنهن جو لکيل آهي؟

ج. سفر نامو ”روم شهر ۾“ تنوير عباسيءَ جو لِکيل آهي.

2. ول بورجس جي معنيٰ ڇا آهي؟

ج. ول بورجس جي معنيٰ ”سدا بهار باغ“ آهي.

3. ڪولوزم ڪڏهن ٺهيو؟

ج. ڪولوزم حضرت عيسيٰ عليه السلام کان 80 سال اڳ ٺهيو.

4. دنيا جي ننڍي ۾ ننڍي مملڪت ڪهڙي آهي؟

ج. دنيا جي ننڍي ۾ ننڍي مملڪت ويٽيڪن آهي.

## ب هيٺيان خال پريو:

1. سچ ___أيرڻ___ مهل اسان جو جهاز روم جي هوائي اڏي تي لٿو.
2. ٻئي ڏينهن ___ٽوئر___ ڪمپنيءَ جي ڇوڪري اسان کي وٺي وئي.
3. هن باغ ۾ اهڙا وڻ ۽ گل آهن جيڪي هر ___موسم___ ۾ تازا رهندا آهن.
4. اسين ٻئنڪ آف ___اٽليءَ___ جي عمارت وٽان گذرياسين جيڪا جديد فن تعمير جو بيمثال نمونو آهي.
5. ”ڪولوزم“حضرت عيسيٰ عليه السلام کان ___80___ سال اڳ ٺهيو.

## ج هيٺين لفظن جا ضد لکو.

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| قديم | جديد | اڇڻ | وجڻ |
| ناڪاري | هاڪاري | لافاني | فاني |
| زندگي | موت | شهر | ڳوٺ |

## د لفظن جي معنيٰ لکوءِ جملن ۾ ڪم آڻيو.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| جديد | نئون |
| جملو | روم شهر ۾ جديد عمارتون آهن. |
| آڳاٽو | پراڻو |
| جملو | روم جو آڳاٽو دؤر تاريخي واقعن سان ڀريل آهي. |
| تعمير | جوڙڻ |
| جملو | اِٽليءَ جي عمارت جديد فن تعمير جو بيمثال نمونو آهي. |
| مقدس | پاڪ |
| جملو | گرجا جو هڪ مقدس دَر هر پنجويهين سال کلندو آهي. |
| تهذيب | ثقافت |
| جملو | هر ملڪ جي پنهنجي الڳ تهذيب آهي. |

سبق 28

# ريڊار



## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| دؤر | زمانو | اوزار | آلو |
| آفت | مصيبت | رهنمائي | اڳواٽي |
| رفتار | تيزائي | فضا | هوا |
| حملو | ڪاهه | شڪل | صورت |
| | تهه | پڙدو | |

## سبق جو خلاصو

هن دؤر جي سائنسي ايجادن مان ريڊار به هڪ آهي. اهو هڪ اهڙو اوزار آهي، جنهن جي وسيلي امن جي زماني ۾ پنهنجي هوائي جهازن جي، ڪنهن قدرتي آفت وقت صحيح رهنمائي ڪري سگهجي ٿي. جنگ جي زماني ۾ وري دشمن جي ايندڙ هوائي جهازن جو تعداد ۽ طرف معلوم ڪري، ان کان بچاءَ جو بندوبست پڻ ڪري سگهجي ٿو. هن اوزار جي ڪم ڪرڻ وارو اصول لڳ ڀڳ اهو ئي آهي، جيڪو آواز جي ٽڪرائجي موٽڻ ۾ ڪم ڪري ٿو، جنهن کي اسين پڙاڏو چئون ٿا.

ريڊيا به ٽڪرائجي موٽڻ يا پڙاڏي وارو ساڳيو ڪم ڪري ٿو. فرق رڳو اهو آهي ته پڙاڏي ۾ آواز لهرن جي شڪل وٺي ٿو ۽ ريڊار ۾ بجليءَ

جي لهرن ۾ بدلايو ويندو آهي. انهيءَ بجليءَ جي لهرن ۾ اها خاصيت آهي، جو تمام گهاٽي تهه وارا ڪڪر به انهن جو رستو روڪي نٿا سگهن. انهن جي رستي ۾ ڪا رڪاوٽ پئجي سگهي ٿي ته فقط ڪا سخت شيءِ، جهڙوڪ: جبل يا ٽڪري وغيره. اهي لهرون جيڪڏهن ڪنهن اهڙي رڪاوٽ سان وڃي لڳنديون ته هڪدم اتان پنتي موٽي ايندي يون. انهن موٽي ايندڙ لهرن جي روشنيءَ جو عڪس يا پاڇولو پوءِ هڪ خاص سائنسي اوزار وسيلي جيڪڏهن ڪنهن پڙدي تي وڌو وڃي ته اهو پتو پئجي سگهي ٿو ته جنهن شيءِ سان ٽڪرائجي موٽي آيون آهن، اها ڪهڙي پاسي آهي. بجليءَ جي انهن لهرن جي رفتار به لک انياڻوي ڪلو ميٽر في سيڪنڊ آهي.

ريڊار مختلف سائيز جا ٿيندا آهن. ڪي ننڍا، ڪي وچولا ۽ ڪي وري تمام وڏا. ريڊار فوجي گاڏين، هوائي جهازن، جاين ۽ زمين تي لڳايو ويندو آهي.

جنگ جي زماني ۾ ڌرتيءَ تي لڳل ريڊار جون لهرون هر وقت فضا ۾ مٿي ويندي يون رهن ٿيون. مٿي وڃڻ واريون هي لهرون جيستائين ڪنهن سخت شيءِ سان نه ٽڪرائبيون، تيسين هيٺ موٽي نه اينديون. جيڪڏهن اهي واپس موٽي آيون، ته انهن جو موٽي اچڻ اهو ثابت ڪندو ته مٿي فضا ۾ ڪا سخت شيءِ موجود آهي. پڙدي تي لهرن جي موٽڻ سان جيڪو عڪسي پڙدي وارو نشان هي ظاهر ڪري ته فضا ۾ گهڻا جهاز اڏامي رهيا آهن ته پوءِ سمجهبو ته دشمن جا جهاز حملي ڪرڻ لاءِ اچي رهيا آهن. ان ڳالهه جي خبر ريڊار ۾ لڳل ٻيا سائنسي اوزار پنهنجي جهازن کي ڏيندا آهن.

# مشق

**ا** هينين سوالن جا جواب لکو.

1. ريدار جا ڪهڙا فائدا آهن؟

ج. ريدار جا ڪيترائي فائدا آهن، اهي دشمن جي جهازن ڪي نشانو بڻائيندا آهن، پنهنجي ڌرتيءَ جي حفاظت ڪندا آهن، اهي دشمن جي حملي ڪندڙ جهازن جي خبر ڏيندا آهن.

2. ريدار گهڻن قسمن جا ٿيندا آهن؟

ج. ريدار مختلف قسمن جا ٿيندا آهن، يعني ننڍا، وچولا ۽ ڪي وري تمام وڏا.

3. ريدار ڪهڙي طريقي سان ڪم ڪري ٿو؟

ج. ريدار جون لهرون فضا ۾ مٿي وينديون رهن ٿيون. هي لهرون جيستائين ڪنهن سخت شيءِ سان نه ٽڪرائيبون شيون هيٺ موٽي نه ايندون. ڪنهن سخت شيءِ سان ٽڪرائجڻ ڪانپوءِ جڏهن هي لهرون موٽي ايندون ته معلوم ٿيندو ته دشمن جا گهڻا حملي وارا جهاز فضا ۾ موجود آهن ۽ اهي ڪهڙي طرف کان اچي رهيا آهن.

**ب** هيٺيان خال ڀريو:

1. ريدار مختلف ___قسمن___ جا ٿيندا آهن.
2. ريدار ذريعي دشمن جي ايندڙ ___جهازن___ جي خبر ملندي آهي.
3. فوجي گاڏين ۾ مختلف ننڍا ___ريدار___ به وڏي اهميت رکن ٿا.
4. سائنسي ايجادن ۾ ريدار پڻ هڪ ___خاص___ ايجاد آهي.
5. پوءِ اهي دشمن جي ___جهازن___ کي نشانو بڻائيندا آهن يا کين ڀڄائيندا آهن.

**ج** هيٺين لفظن جا ضد لکو.

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| امن | جنگ | جوان | پوڙهو |

| | | | |
|---|---|---|---|
| گھاٽو | چڙھو | زمين | آسمان |
| ترقي | تنزلي | فرق | ھڪجھڙائي |

## د لفظن جي معنيٰ لکوءِ جملن ۾ ڪم آڻيو.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| اڳوات | اڳ ۾ |

جملو: ريدار ۾ لڳل ھڪ اوزار ذريعي دشمن جي اڳوات خبر پئجي ويندي آھي.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| پڙاڏو | آواز |

جملو: ڪنھن ٽڪريءَ جي سامھون بيھي جيترو زور سان آواز ڪيو اوترو وڏيڪ پڙاڏو ٿيندو.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| ايجاد | نئين، شيءِ ناھڻ |

جملو: ريدار ھڪ اھڙو اوزار آھي جنھن جي وسيلي قدرتي آفت وقت جھازن جي مدد ڪري سگھجي ٿي.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| رھنمائي | اڳواٽي |

جملو: ريدار مصيبت وقت جھازن جي رھنمائي بہ ڪندو آھي.

# بادل ٻوڙو

## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| بادل | ڪڪر | ميگهه | جهڙ، ڪڪر |
| ملهارا | جهڙالا | متوارا | مستيءَ وارا |
| گلشن | باغ | کيتي | ٻني |
| والي | مالڪ | دانا | ڏاها |
| ادنيٰ | خسيس | اعليٰ | عمدا |
| برسي | وسي | عالم | جڳ، جهان |
| گهور | ڊيڄاريندڙ | گهٽا | ڪارا ڪڪر |
| جهومي | جهولي | گلڪاري | نقاشي |
| پڄاڻان | پوءِ | ڀاڳين | مالوندن |
| ڀاڳ | نصيب | پڙايو | ساٿ ڏنو |

## بيتن جي سمجهاڻي

نظر اچي ٿو جو گهاٽو گهاٽو، آ ان لئہ هر ماڻهو آتو،
ڪري ٿو ڪاهہ بادلن جو جوڙو، بادل ٻوڙو بادل ٻوڙو.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعره ”ن ب انمول“ چوي ٿي تہ اهو جيڪو گهاٽو بادل نظر ٿو اچي، انهيءَ ڪڪر لاءِ هرڪوئي انتظار پيو ڪري، چو تہ اهو مينهن وسائيندڙ بادل آهي. اهي ٻئي ڪڪر مينهن وسائڻ لاءِ اسان ڏانهن وڌي رهيا آهن.

انهيءَ ڪڪرمان وسي ٿو مينهڙو، خوشيءَ مان جهومي ٿو منهنجو جيئڙو

اسان لئہ آرحمتن جو موڙو، بادل ڊڙو بادل ڊوڙو.

**سمجهاڻي**: هن بيت ۾ شاعره ”ن ب انمول“ چوي ٿي تہ انهيءَ گهاٽي بادل مان مينهن وسي ٿو تہ منهنجو من خوشيءَ مان نچي ٿو. اسان جي لاءِ مينهن وسڻ رحمت آهي.

مٽيءَ جي خوشبوءِ عجيب ايندي، هيءَ مند هاڻي رنگين ٿيندي،
ختم ٿيندو راهہ جو دسوڙو، بادل ڊوڙو بادل ڊوڙو.

**سمجهاڻي**: هن بيت ۾ شاعره ”ن ب انمول“ چوي ٿي تہ مينهن وسڻ سان مٽيءَ جي پياري هٻڪار ايندي، موسم بہ تمام پياري ٿي ويندي ۽ مينهن جي وسڻ سان اڏامندڙ مٽي بہ ختم ٿي ويندي.

اسان تي ”انمول“ راضي رب آ، وسي ٿي ڦڙ ڦڙ اهو سبب آ،
ڏکن کان ٿيو آ هاڻي وڇوڙو، بادل ڊوڙو بادل ڊوڙو.

**سمجهاڻي**: هن بيت ۾ شاعره ”ن ب انمول“ چوي ٿي تہ اسان تي اسان جو مالڪ سائين راضي آهي، تنهنڪري تہ مينهن وسي ٿو. مينهن جي وسڻ سان هاڻي اسان تمام خوش آهيون ۽ ڏک ختم ٿي ويا آهن.

## مشق

### ١ هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. هي نظم ڇا جي بابت لکيل آهي؟
   هي نظم بادلن بابت لکيل آهي.

2. ”ڏکن کان ٿيو آ هاڻي وڇوڙو“ مان ڇا مراد آهي؟
   ”ڏکن کان ٿيو آ هاڻي وڇوڙو“ مان مراد آهي تہ ”ڏکن مان هاڻي جان ڇُٽي“.

## ب هيٺيان شعر مڪمل ڪريو.

1. نظر اچي ٿو جو گهاٽو گهاٽو، آ اِن لئہ هر ماڻهو آتو آتو
2. ڪري ٿو ڪاهه بادلن جو جوڙو، بادل ڊوڙو، بادل ڊوڙو
3. مٽيءَ جي خوشبوءِ عجيب ايندي، هيءَ مُند هاڻي رنگين ٿيندي
4. ختم ٿيندو راهه جو ڏسوڙو، بادل ڊوڙو، بادل ڊوڙو

## ج هيٺين لفظن جا جمع لکو.

| واحد | جمع | واحد | جمع |
|---|---|---|---|
| جيئڙو | جيئڙا | راهه | راهون |
| مند | منڌون | رحمت | رحمتون |
| جوڙو | جوڙا | وڇوڙو | وڇوڙا |

سبق 30

# سنڌي ادب جي مختصر تاريخ

## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| معنيٰ | لفظ | معنيٰ | لفظ |
|---|---|---|---|
| دولتمند | شاهوڪار | آڳاٽي | قديم |
| ڳالھ | ذڪر | شڪل | صورت |
| سون جهڙو | سونهري | دليري | سورهيائي |
| هڪجيترا | برابر جا | ظاهر | نروار |
| احسان ڪندڙ | محسن | وڏو | عظيم |
| سمجهاڻي | تشريح | مضمون | مقالا |
| آڌ | اوت | ڪوجنا | تحقيق |
| تقسيم | ورهاڱو | الف ـ بي | رسم الخط |
| | واقف | روشناس | |

## سبق جو خلاصو

سنڌي ٻولي ننڍي کنڊ جي تمام قديم ۽ شاهوڪار ٻولي آهي. موئن جي دڙي کان وٺي سنڌي ٻوليءَ جي لکت واري صورت ملي ٿي. 712ع ۾ جڏهن عربن سنڌ فتح ڪئي، ان کان پوءِ 883ع ڌاري قرآن شريف جو سنڌيءَ ۾ پهريون ترجمو ٿيو. عربن کان پوءِ سومرن جو دؤر آيو، هن دؤر ۾ مشهور رومانوي نيم تاريخي داستان سسئي پنهون ۽ عمر مارئي کان سواءِ دودي سومري جي بهادري ۽ سورهيائيءَ جو ذڪر بہ بيتن ۾ ڪيو ويو آهي. سمن جي وقت جو اهم شاعر قاضي قاضن هو. سمن کان پوءِ ارغونن، ترخانن ۽ مغلن هڪبئي پنيان سنڌ تي حڪومت ڪئي. هن دؤر ۾ شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ وارو هڪ وڏو شاعر ٿي گذريو آهي. سن 1700ع ۾ مخدوم ابوالحسن ڏاهريءَ سنڌي زبان جي نئين ترتيب ۾

ڪتاب لکيا. ان کان سواءِ مخدوم نوح، شاهه لطف الله قادري، شيخ حماد ۽ اسحاق آهنگر جهڙن عالمن ۽ شاعرن جا نالا پڻ نروار ٿيا. 1707ع کان سنڌ تي ڪلهوڙن جي حڪومت شروع ٿي. هي دؤر سنڌي ٻوليءَ ۾ علم ۽ ادب جو سونهري دؤر سڏجي ٿو. هن دؤر ۾ ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائيءِ عالمي شاعر مليو ٿو. ٻين اديبن ۽ شاعرن ۾ جمن چارڻ، مخدوم ضياءُالدين، عبدالرحيم گرهوڙي، مخدوم محمد هاشم ٺٽوي، خواجه محمد زمان لنواريءَ وارو، ميان سرفراز ڪلهوڙو ۽ تمر فقير جا نالا مشهور آهن.

ڪلهوڙن کان پوءِ ٽالپرن جو دؤر شروع ٿئي ٿو. هن دؤر جو عظيم شاعر سچل سرمست آهي ۽ ٻيو وڏو شاعر سيد ثابت علي شاهه آهي، جنهن پهريون ڀيرو سنڌي زبان ۾ مرثيي جي صنف جو بنياد وڌو. ٻين شاعرن ۾ خليفو نبي بخش لغاري، حمل خان لغاري، سامي، دلپت، صوفي ۽ فتح فقير سومري جا نالا ملن ٿا.

1843ع ۾ انگريزن سنڌ فتح ڪئي. هن دؤر ۾ موجوده الف - بي ٺهي ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ تعليم عام ٿي. هن دؤر جو عظيم شاعر قادر بخش بيدل آهي. ان کان سواءِ نثر ۾ پهريون قرآن شريف جو لفظي ترجمو مٽياريءَ جي آخوند عزيزالله ميمڻ ڪيو، جيڪو 1870ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو. ڊراما، ناول، مضمون، افسانا، مقالا به هن دؤر ۾ سنڌي ادب جو حصو بڻيا.

شمس العلماءُ مرزا قليچ بيگ پهريون سنڌي اديب آهي، جيڪو سنڌي ادب جو محسن ۽ سنڌ جو شيڪسپيئر سڏجي ٿو. هن سوين ڪتاب لکيا ۽ ٻين ٻولين جا ڪتاب سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيا. ديوان پرمانند ميوارام ”جوت“ اخبار ڪڍي. ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻيءَ شاهه جي رسالي جا ٽي جلد تيار ڪرائي ڇپرايا. ان کانپوءِ علامه دائود پوٽي، ڄيٺمل پرسرام ۽ ڀيرومل مهرچند، شاهه جي رسالي تي ڪم ڪيو.

شاعريءَ ۾ ڪشنچند بيوس، هوندراج دکايل ۽ سوڀراج فاني جديد شاعريءَ کي رک ڏيندڙن ۾ هئا. نواز علي نياز، لطف الله بدوي، گوبند مالهي، ڪيرت ٻاٻاڻي، سندرياتم چنداڻي ۽ ٻين ڪهاڻيڪارن افساني نگاريءَ ۾ نواڻ آندي.

انگريزن جي دؤر ۾ بلند پايه شاعر پيدا ٿيا، جن ۾ خليفو گل محمد، فاضل شاهه، آخوند محمد قاسم، غلام محمد "گدا"، مير عبدالحسن "سانگي"، حافظ حامد تڪڙائي، مرزا قليچ بيگ، مسرور بيدي، سيد مصري شاهه، مفتون همايوني، الله بخش "اٻوجهو"، ڪشنچند "بيوس"، شمس الدين بلبل، فتح محمد سيوهاڻي، ممد هاشم "مخلص"، غلام احمد نظامي ۽ ٻين شاعرن جا نالا ملن ٿا. ان ڪان سواءِ نثري ادب ۾ جن ليکڪن جا نالا ملن ٿا، تن ۾ منشي اُڌارام، شمس العلماءُ مرزا قليچ بيگ، ديوان ڪوڙومل، لعلچند امرڏنومل، پيرومل مهرچند، ڊاڪٽر گربخشاڻي، ڊاڪٽر عمر بن دائود پوٽو، علي خان ابڙو، ڄيٺمل پرسرام، علامه آءِ آءِ قاضي، محمد عثمان ڏيپلائي، پرمانند ميوارام، ليکراج ڪشنچند "عزيز"، محمد صديق "مسافر"، خليل مورائي، محمد بخش "واصف"، ڊاڪٽر ابراهيم خليل، حافظ عبدالله "بسمل"، عثمان علي انصاري، مولانا دين محمد وفائي،سيد ميران شاهه ۽ پيرعلي محمد راشديءَ جا نالان نمايان آهن.

ان ڪان پوءِ واري دؤر ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، مولانا غلام محمد گرامي، پير حسام الدين راشدي، شيخ اياز، نياز همايوني، عبدالڪريم گدائي، امر جليل، سراج ميمڻ، ڊاڪٽر نجم عباسي، طارق اشرف، نسيم کرل، سليم ڳاڙهوي، استاد بخاري، تنوير عباسي، ڊاڪٽر عبدالمجيد سنڌي، ميمڻ عبدالغفور سنڌي، محمد اسماعيل عرساڻي، حافظ احسن چنا، شيخ عبدالرزاق راز، جمال ابڙو، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو، ڊاڪٽر نواز علي شوق، ڊاڪٽر غلام علي الانا، امداد حسيني،

عبدالقادر جوڻيجو، ماهتاب محبوب، سحرامداد، نورالهديٰ شاهه، ايازگل ۽ عبدالغفار ”تبسم“ وغيره قابل ذڪر آهن.

## مشق

### (ا) هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. ڪلهوڙن جي دؤر ۾ ڪهڙو عظيم شاعر پيدا ٿيو؟

ج. ڪلهوڙن جي دؤر ۾ عظيم شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائي (رحه) پيدا ٿيو.

2. ننڍي کنڊ ۾ قرآن شريف جو ترجمو سڀ کان پهرين ڪهڙي ٻوليءَ ۾ ٿيو؟

ج. ننڍي کنڊ ۾ قرآن شريف جو ترجمو سڀ کان پهرين سنڌي ٻوليءَ ۾ ٿيو.

3. سمن جي دؤر ۾ ڪهڙا شاعر ۽ بزرگ پيدا ٿيا؟

ج. سمن جي دؤر ۾ هڪ مشهور سنڌي زبان جو شاعر قاضي قاضن هو.

4. موجوده سنڌي الف ب ڪهڙي سن ۾ ٺهي؟

سن 1853ع ۾ موجوده سنڌي الف ب ٺهي.

### (ب) هيٺيان خال ڀريو:

1. ڪلهوڙن جي دؤر کي سنڌي ٻوليءَ جو ___سونهري___ دؤر سڏجي ٿو.
2. سن ___1843ع___ ۾ انگريزن سنڌ تي قبضو ڪيو.
3. سنڌي ٻولي ننڍي کنڊ جي تمام ___قديم___ ۽ ___شاهوڪار___ ٻولي آهي.
4. عالمن ۽ اديبن سنڌي ٻوليءَ جي وڏي ___خدمت___ ڪئي.

### (ج) صحيح جواب چونڊيو.

1. ___سنڌي___ ٻولي ننڍي کنڊ جي تمام قديم ۽ شاهوڪار ٻولي آهي.

(i) اردو (ii) سنڌي ✓ (iii) عربي

2. 833 ع ڌاري قرآن پاڪ جو سنڌي زبان ۾ پهريون ترجمو ٿيو.

(i) 833 ع ✓ (ii) 933 ع (iii) 1033 ع

3. سن 1700 ع ۾ مخدوم ابوالحسن ڏاهريءَ سنڌي زبان جي نئين ترتيب ۾ ڪتاب لکيا.

(i) 1500 ع (ii) 1600 ع (iii) 1700 ع ✓

4. 1707 ع واري ڪلهوڙن جي دؤر کي سنڌي ٻوليءَ جي علم ۽ ادب جو سونهري دؤر سڏجي ٿو.

(i) ڪلهوڙن ✓ (ii) عربن (iii) انگريزن

5. ثابت علي شاهه سنڌي زبان ۾ مرثيي جو رواج وڌو.

(i) قصيدي (ii) مرثيي ✓ (iii) مدح

## د لفظن جي معنيٰ لکيو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| روشناس | ڄاڻايو |
| جملو | سنڌي ادب جي مختصر تاريخ ڪيترن بزرگن جي قصن کان روشناس ڪرايو. |
| ورهاڱو | تقسيم |
| جملو | پاڪ، ڀارت جو روهاڱو 1947ع ۾ ٿيو. |
| صورت | شڪل |
| جملو | ڪن ٻولين کي لکت واري صورت ميسر آهي. |
| رواج | ريت. رسم |
| جملو | ثابت علي شاهه، سنڌي زبان ۾ مرثيي جو رواج وڌو. |
| وسيلي | ذريعي |
| جملو | حيدرآباد جي مشهور ديوان پر مانند ميوارام ”جوت“ اخبار ڪڍي، جنهن سان مضمون وسيلي سنڌي ٻولي کي ترقي ملي. |

## ر هيٺين لفظن جا ضد لکو.

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| نثر | نظم | پڌرو | لِڪيَل |
| پهريون | آخري | شاهوڪار | غريب |
| مختصر | مفصل | جديد | قديم |

سبق 31

# مهمان نوازي



## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| مهمان نوازي | مهمان جي خدمت | آڌر ڀاءُ | ڀليڪار |
| ساراهه | واکاڻ | ڪانئس | ان کان |
| ڌرتي | زمين | اوطاق | بيٺڪ |
| شرم | لڄ | ڳوٺاڻا | ڳوٺ وارا |

## سبق جو خلاصو

مهمان نوازي فارسي ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي،ڪنهن شخص جو خوشيءَ سان آدرڀاءُ ڪرڻ ۽ ان جي خدمت ڪرڻ.

دنيا ۾ سڀني کان اعليٰ انسان پيغمبر سڳورا آهن ۽ اهي سڀئي مهمان نواز هئا. حضرت ابراهيم عليہ السلام لاءِ مشهور آهي تہ جيستائين وٽن ڪو مهمان نہ ايندو هو، تيستائين پاڻ ماني نہ کائيندا هئا. هڪ ڀيري الله تعاليٰ پنهنجن ملائڪن کي انساني صورت ۾ حضرت ابراهيم عليہ السلام وٽ موڪليو تہ جيئن الله جو پيارو نبي ماني کائي. سڀني نبين جا سردار اسان جا پيارا رسول حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ بہ تمام گهڻا سخي ۽ مهمان نواز هئا وٽن مسلمان توڙي ڪو غير مسلم مهمان ٿي ايندو هو تہ پاڻ سڳورا ﷺ ڏاڍا خوش ٿيندا هئا. ان جي خدمت چاڪري ۽ ٿهل ٽڪور ۾ ڪابہ ڪسر نہ ڇڏيندا هئا.

مهمان جي تعظيم بابت پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو آهي تہ: ”مهمان جي عزت ڪريو“.

سنڌيءَ ۾ عام چوڻي آهي تہ ”بختاور سو جنهن گهر مهمان آيو“، جنهن جو مطلب آهي تہ اسان وٽ انهيءَ ماڻهوءَ کي ڀاڳ وارو سمجهو ويندو آهي، جنهن جي گهر مهمان اچي. آڳاٽي وقت کان وٺي اسان جي سنڌ جي سرزمين مهمان نوازيءَ لاءِ مشهور آهي. اڄان بہ ائين ڪٿي چئجي تہ مهمان نوازي اسان جي ثقافت ۽ تهذيب جو مکيہ اهڃاڻ آهي. سنڌ ۾ خاص طور تي ٻهراڙيءَ ۾ جيڪڏهن ڪنهن وٽ مهمان اچي ويو تہ ماڻهو ان کي پنهنجي جيءَ ۾ جايون ڏيندا آهن. سندن هميشہ اها خواهش هوندي آهي تہ مهمان وٽن ايندا رهن تہ جيئن هو وڌ ۾ وڌ سندن خدمت ڪري سگهن.

# مشق

## (ا) هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. حضور اڪرم صلي الله عليه وآلهٖ جن مهمان بابت ڇا فرمايو آهي؟

ج. حضور اڪرم صلي الله عليه وآلهٖ وسلم جن مهمان بابت فرمايو آهي ”مهمان جي عزت ڪريو“.

2. مهمان جي اچڻ تي ڳوناڻا ڪيئن نظر ايندا آهن؟

ج. مهمان جي اَچڻ تي ڳوناڻا تمام خوش نظر ايندا آهن.

3. ڪهڙي پيغمبر سڳوري وٽ الله تعاليٰ ملائڪن کي مهمان ڪري موڪليو؟

ج. حضرت ابراهيم عليه السلام وٽ الله تعاليٰ ملائڪن کي مهمان ڪري موڪليو.

4. پاڻ سڳورا صلي الله عليه وآلهٖ وسلم مهمانن جي خدمت ڪيئن ڪندا هئا؟

ج. پاڻ سڳورا صلي الله عليه وآلهٖ وسلم مهمانن کي پنهنجي هٿ مبارڪ سان کاڌو کارائيندا هئا.

## (ب) هيٺيان خال ڀريو:

1. سيئي پيغمبر ___مهمان نواز___ هئا.
2. مهمان نوازي ___فارسي___ ٻوليءَ جو لفظ آهي.
3. مردن سان گڏ عورتون به ___حياءدار___ ۽ ___مهمان نواز___ آهن.
4. دنيا ۾ سڀني کان اعليٰ انسان ___پيغمبر سڳورا___ آهن.
5. اسان جي سنڌيءَ ۾ چوڻي آهي بختاور سو جنهن گهر ___مهمان___ آيو.

## (ج) هيٺين اصطلاحن جي معنيٰ ٻڌايو.

| اصطلاح | معنيٰ | جملا |
| --- | --- | --- |
| رهاڻ رچائڻ | ڪچهري ڪرڻ | آيل مهمان سان طبيعت مطابق ڳوناڻا رهاڻ رچائيندا آهن. |

| | |
|---|---|
| ڪلي ڪيڪارڻ | اسان کي مهمانن سان ڪلي ڪيڪارڻ گهرجي. |
| مسڪرائي آڌر ڀاءُ | |
| جيءَ ۾ جاءِ ڏيڻ | گهر آيل مهمان کي پنهنجي جيءَ ۾ جاءِ ڏيڻ اسان تي فرض آهي |
| محبت سان پيش اچڻ | |

## د هيٺين لفظن جا جمع لکو.

| واحد | جمع | واحد | جمع |
|---|---|---|---|
| خوشي | خوشيون | اعليٰ | اعليٰ |
| پيارو | پيارا | صورت | صورتون |
| ڳوناٺو | ڳوناٺا | مهمان | مهمانَ |

سبق 32

# بادشاهہ ۽ مسخري جي ڳالهہ



## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| شهنشاهہ | بدشاهن جو بادشاهہ | خوش مزاج | کلمک |
| پهري | پائي | مسخرو | بخشش |
| عقل | ڏاهپ | چيز | شيءِ |
| جهت | هڪدم | هِڪي | هڪڙي |
| وريو | موٽيو | پروردگار | پلاڻهار |
| بيان | ڳالهہ | عجب | حيرت واري |
| عيان | ظاهر | ڏکار | کوٽ، کمي |

## بيتن جي سمجهاڻي

ٻڌو ٻارو! هڪڙو هيو بادشاهہ،

هو جنهن وٽ وڏو پنهنجو لشڪر سپاهہ.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر "نديم تصور" چوي ٿو تہ ٻارو! هڪڙي بادشاهہ

جي ڳالهه ٻڌو، جنهن وٽ پنهنجو وڏو سپاهين جو لشڪر هو.

نه هو هن جي ڇهري ۾ ڪوئي به گهنڊ،

هو خوش بخت ڪلٽو منو ڄڻ ڪنڊ.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر ”نديم تصور“ چوي ٿو ته ان بادشاهه جي مُنهن ۾ ڪوئي گُهنڊ نه هوندو هو، بلڪ هو ڪلٽو ۽ خوش مزاج ماڻهو هو.

آ هڪڙي دفعي جو ذڪر دوستو،

اچي مسخرو ويو اتي اوچتو.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر ”نديم تصور“ چوي ٿو ته هڪڙي دفعي هڪ مسخرو انهيءَ بادشاهه جي دربار ۾ اچي پهتو.

چيو بادشاهه هن کي ٻُڌ منهنجي ڳالهه،

منهنجي هر اکر کي تون دل ۾ سنڀال.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر ”نديم تصور“ چوي ٿو ته بادشاهه ان مسخري کي چيو ته منهنجي ڳالهه ڌيان سان ٻُڌ ۽ انهيءَ کي دل ۾ سانڀ.

ڏيان ٿو مان اڄ توکي تنهنجو انعام،

مگر ياد رکجانءِ منهنجو انعام.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر ”نديم تصور“ چوي ٿو ته بادشاهه، مسخري کي چيو ته اڄ مان توکي انعام ٿو ڏيان،پر منهنجو انعام به ياد رکجانءِ.

ڏيان لٺ ٿو توکي هن کي سنڀال،

نه ڪنهن ڪم ظرف ڏانهن هن کي اڇال.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر ”نديم تصور“ چوي ٿو ته هيءَ هڪ خاص لٺ توکي انعام ۾ ڏيان ٿو، اها ڪنهن بيوقوف کي نه ڏجانءِ.

شهنشاهه بيمار ٿيو هڪ دفعي،

پڇڻ مسخرو تنهن ڪان پهتو اُتي.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر ”نديم تصور“ چوي ٿو ته هڪ دفعي بادشاهه بيمار ٿيو ته مسخرو ان ڪان پڇڻ لاءِ اُتي پهتو.

شهنشاهہ چيو هن کي اي ڙي ميان!
دعا ڪائي ڪج ٿو سفر تي وڃان.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر ”نديم تصور“ چوي ٿو تہ بادشاهہ ان مسخري کي چيو تہ سفر تي وڃان ٿو تنهنڪري ڪائي دعا ڪر.

چيو مسخري اي منهنجا صاحبو!
ڪڏهن هن سفر تان ٿا موٽي اچو.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر ”نديم تصور“ چوي ٿو تہ بادشاهہ کي مسخري چيو تہ منهنجا صاحبو ڪڏهن هن سفر تان موٽيندؤ.

چيو باشاهہ موٽ ٿيندي نہ هاڻ!
وڃان ٿو هتان مان هميشہ جي ڪاڻ.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر ”نديم تصور“ چوي ٿو تہ بادشاهہ مسخري کي چيو تہ مان هميشہ جي لاءِ وڃي رهيو آهيان ۽ هاڻي موٽ نہ ٿيندي.

پڇيو مسخري منهنجا عالي جناب،
تياري تہ هوندي اوهان جي تمام.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر ”نديم تصور“ چوي ٿو تہ مسخري، بادشاهہ کان پڇندي چيو تہ جناب هميشہ جي لاءِ ٿا سفر تي وڃو، تہ اوهان جي تياري تہ لازمي هوندي!

وراڻيو شهنشاهہ ناهيان تيار،
ڪندو معاف شل مونکي پروردگار.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر ”نديم تصور“ چوي ٿو تہ انهيءَ ڳالهہ تي بادشاهہ وراڻيو تہ ڪائي بہ تياري نہ آهي، شل الله پاڪ معاف فرمائي.

تعجب ڪيو مسخري هي ٻُڌي!
شهنشاهہ جي عقل ۾ هئي ڪمي.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر ”نديم تصور“ چوي ٿو تہ بادشاهہ جو اهو جواب

ٻُڌي مسخري کي ڏاڍي حيرت ٿي ۽ بادشاهه جي اها ڪم ظرفي پئي لڳي.

تياريءَ ٻنان ٿو سفر تي وڃين؟!

جناب ٻي عقل مون کي تون ٿو لڳين.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر ”نديم تصور“ چوي ٿو ته آخر حيرت مان مسخري، بادشاهه کي چئي ڏنو ته ٻنان تياريءَ جي هيڏي وڏي سفر تي ٿا وڃو، جناب، مون کي ته توهان ٻي عقل ٿا لڳو.

وٺو مون کان واپس هي پنهنجو انعام!

کپي ڪين ٿو مون کي تنهنجو انعام.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر ”نديم تصور“ چوي ٿو ته مسخري، بادشاهه جو ڏنل انعام واپس ڪندي چيو ته مون کي توهان جو انعام نه کپي.

”تصور“ جو سيئي مڃو هي چيو،

سفر تي وڃڻ لاءِ تياري ڪيو.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر ”نديم تصور“ چوي ٿو ته سيئي ان ڳالهه تي عمل ڪريو ته سفر تي وڃڻ جي لاءِ هاڻي کان تياري ڪريو.

## مشق

### ١ هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. بادشاهه ڪهڙي قسم جو هو؟

ج: بادشاهه خوش بخت ۽ کلڻو هو.

3. مسخري، بادشاهه جي تياري نه هئڻ جو ٻڌي ڇا چيو؟

ج: مسخري بادشاهه جي تياري نه هئڻ جو ٻڌي چيو ته حيرت ٿي ٿئي ته توهان جي تياري نه ٿيل آهي،توهان مونکي ٻي عقل ٿا لڳو مون کان پنهنجو انعام واپس وٺو.

4. هن نظم جو شاعر آخري شعر ۾ سيني کي ڪهڙي صلاح ٿو ڏي؟

ج. هن نظم جو شاعر آخري شعر ۾ سيني کي سفر تي وڃڻ جي تياري ڪرڻ لاءِ صلاح ٿو ڏي.

## ب هيٺيان خال ڀريو:

1. ٻڌو ٻارو! هڪڙو هيو ___بادشاهه___
2. هو جنهن وٽ وڏو پنهنجو ___لشڪر___ سپاهه
3. آ هڪڙي دفعي جو ___ذڪر___ دوستو
4. اچي ___مسخرو___ ويو اتي اوچتو

## ج هيٺين لفظن جا ضد لکو.

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| بادشاهه | فقير | خوش | اداس |
| عقلمند | بي وقوف | ڪلٽو | روئٽو |
| وڃڻ | اَچڻ | | |

## د لفظن جي معنيٰ لکيو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| ذڪر | ياد |
| جملو | هن بيت ۾ بادشاهه جو ذڪر ڪيو ويو آهي. |
| ڪم ظرف | گهٽ عقل وارو |
| جملو | بادشاهه مسخري کي چيو ته هيءُ لٽ ڪنهن ڪم ظرف کي نه ڏجان. |

| تعجب | حيرت |
| --- | --- |
| جملو | بادشاهه جي ڳالهه ٻڌي مسخرو تعجب ۾ پئجي ويو. |
| لشڪر | سپاهه |
| جملو | بادشاهه وٽ هڪ وڏو لشڪر هو. |
| اوچتو | اَچانڪ |
| جملو | اوچتو بادشاهه وٽ هڪ مسخرو آيو. |

سبق 33

# بالغن جي تعليم



## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| ڌيان | غور | بالغن | جوانن |
| علاوه | کان سواءِ | توجه ڪرڻ | غورڪرڻ/ڌيان ڏيڻ |
| ڇاڪاڻ ته | ڇوجو | سينگاريل | سنواريل |
| ڪاروبار | روزگار | مثبت | هاڪاري |
| رٿابندي | منصوبو | آماده | راضي |
| فرد | ماڻهو | | |

## سبق جو خلاصو

ڪو به ملڪ تيستائين ترقي نه ڪري سگهندو، جيستائين ان جو ننڍو وڏو ۽ جوان توڙي پوڙهو، علم جي زيور سان سينگاريل نه هوندو. ڪابه قوم جيسين جهالت جي اونداهه ۾ پيئي هٿوراڙيون هڻندي، تيسين ان جي ترقي ناممڪن آهي. انهيءَ مقصد کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ سڌريل ملڪ نه رڳو ٻارن جي تعليم جو مڪمل بندوبست ڪندا آهن، پر اڻ

پڙهيل بالغن کي پڙهائڻ لاءِ بہ خاص انتظام رکندا آهن، جيئن تہ وڏا ڏينهن جو پنهنجي گذرسفر لاءِ ڌنڌي ۾ رڌل رهندا آهن، تنهنڪري کين تعليم ڏيڻ لاءِ رات جو اسڪول هلايا ويندا آهن.

اهو علم ئي آهي، جيڪو عزت وڌائي ٿو ۽ علم جي وسيلي ئي هرهڪ شخص پنهنجي ڪارڪرت ۽ ڌنڌي ۾ سڌارو ۽ واڌارو آڻي سگهي ٿو. سچ تہ علم کان سواءِ انسان حيوان مثل آهي.

هاري پڙهيل هوندو تہ پنهنجو ڌنڌو سهڻي نموني هلائي سگهندو ۽ پوک جي جديد طريقن کان واقف ٿي، پنهنجي في ايڪڙ پيداوار ۾ اضافو آڻي سگهندو. باهرين ملڪن ۾ پوک جا ڪهڙا نوان طريقا پيا ايجاد ٿين، تن جي پروڙ ڪيس علم جي ذريعي ئي پئجي سگهي ٿي. تعليم يافتہ انسان پنهنجو ووٽ (جيڪا هڪ قيمتي امانت آهي) صحيح نموني استعمال ڪري سگهي ٿو. هن کي اها بہ پروڙ پئجي سگهندي تہ اسان جو صحيح نمائندو ڪهڙو آهي ۽ اهو اسان جي علائقي لاءِ ڪيتري قدر پاڻ پتوڙي رهيو آهي.

## مشق

### ١ هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. بالغن جي تعليم ڇو ضروري آهي؟

ج. بالغن جي تعليم ان ڪري ضروري آهي تہ جيڪڏهن هر هڪ تعليم جي زيور سان سينگاريل هوندو تہ پنهنجو پنهنجو ڪم يا ڪاروبار چڱيءَ طرح ڪري سگهندو ۽ ووٽ جو صحيح نموني استعمال ڪندو.

2. ملڪ جي ترقيءَ لاءِ ڇا ڪرڻ گهرجي؟

ج. ملڪ جي ترقيءَ لاءِ اسان سڀني کي حڪومت جو ساٿ ڏيڻ کپي ۽ نہ فقط ٻارن پر وڏن کي پڻ علم حاصل ڪرڻ لاءِ آماده ڪرڻ گهرجي.

3. بالغن جي تعليم لاءِ ڪهڙو وقت مقرر ڪيو ويندو آهي.

ج. بالغن جي تعليم لاءِ رات جو وقت مقرر ڪيو ويندو آهي.

4. حڪومت تعليم جي واڌاري لاءِ ڪهڙا قدم کنيا آهن؟

ج. حڪومت تعليم جي واڌاري لاءِ ٻارن کان علاوه بالغن جي تعليم ڏانهن پڻ گهڻي توجه ڏئي رهي آهي ۽ تعليم جي واڌاري لاءِ خاص رٿابندي ڪري رهي آهي.

## ب هيٺيان خال ڀريو

1. بالغن کي تعليم ڏيڻ لاءِ ___راتِ___ جو وقت مقرر ڪيو ويندو آهي.

2. اسان جي حڪومت تعليم جي واڌاري لاءِ خاص ___رٿابندي___ ڪري رهي آهي.

3. اسان جو ملڪ پاڪستان هوندئہ تہ ___قدرتي___ نعمتن سان مالامال آهي.

4. حڪومت ٻارن کان علاوه ___بالغن___ جي تعليم ڏانهن پڻي گهڻي توجه ڏئي رهي آهي.

5. پڙهيل لکيل ماڻهو ئي خبرن ۽ رسالن جي ذريعي ملڪ جي ___حالاتن___ کان باخبر رهي ٿو.

## ج لفظن جي معنيٰ لکوءِ جملن ۾ ڪم آڻيو.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| وٿس | ان وٽ |
| جملو | اسان وٽس گهڻو فوجي سامان ڏٺوسين. |

| | |
|---|---|
| تعليم | علم، ڄاڻ |
| جملو | تعليم هر فرد تي لازم آهي. |
| حڪومت | سرڪار |
| جملو | حڪومت تعليم جي واڌاري لاءِ رٿابندي ڪري رهي آهي. |
| بالغ | جوان |
| جملو | سرڪار بالغ ماڻهن جي تعليم تي بہ گهڻي توجہ ڏئي رهي آهي. |
| نهايت | ڏاڍو، ڏاڍي |
| جملو | بالغن جي تعليم نهايت اهم آهي. |

# انسانيت

## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| اشرف المخلوقات | مٿانهين مخلوق | مانائتو | مان وارو |
| حقدار | مستحق | نازل | مٿان آيل |
| مڃني | سيني | گڻ | خاصيت |
| تسليم ڪري | مڃي | بندگي | ٻانهپ |
| مهربان | ٻاجهارو | شفيق | مهربان |
| اڻ ڳڻيا | بيشمار | احسان | ٿورا |
| محبت | پيار | محسن | احسان ڪندڙ |
| لازم | ضروري | ديناري | پرهيز گاري |
| احترام | عزت | پيروي | اطاعت |
| گهٽگرا | خيرخواهه | ڪينو | بغض، حسد |
| ڪلفت | وير، ٻيائي | وير | دشمني |
| ورونهه | دشمني، وير | منگهرا | اٽوٽندڙ |
| بگڙيل | خراب ٿيل | ناتا | تعلقات |
| فرمان برداري | حڪم مڃڻ | زنجايون | ناراض ڪريون |
| سلوڪ | هلت | وصف | گڻ |
| مروت | رعايت، سخاوت | لحاظ | خيال |
| شفقت | مهرباني | عظيم | وڏو |

| | | | |
|---|---|---|---|
| قول | چوٽي | ضرورتمند | گهرجائو |
| عظمت | وڏائي | راحت | آرام، سک |
| نعمت | بخشش | نصيب | قسمت |
| ڪشتي | ٻيڙي | واهر | مدد |
| ٻانها | بندا | خالق | خلقيندڙ |
| مالڪ | ڌڻي | اشرف | مٿانهون |

## سبق جو خلاصو

انسان کي الله تعاليٰ اشرف المخلوقات بڻائي، هن دنيا ۾ موڪليو آهي. هن دنيا ۾ انسان ڪهڙيءَ طرح زندگي گذاري، جو هو صحيح معنيٰ ۾ سڀني کان وڌيڪ مانائتو سڏائڻ جو حقدار ٿئي. انهيءَ لاءِ الله تعاليٰ انسان جي هدايت لاءِ پيغمبر سڳورا موڪليا. انهن انسانن کي حق ۽ سچ جو رستو ڏيکاريو ۽ آسماني ڪتاب نازل ڪيائين. جن ۾ زندگي گذارڻ جو طريقو به ٻڌايل آهي ته انسان کي هن دنيا ۾ پيش ايندڙ مڙني مسئلن جو حل به انهن ڪتابن ۾ موجود آهي.

انسانيت جو سڀ کان پهريون ۽ اهم گڻ اهو آهي ته انسان پنهنجي خالق ۽ مالڪ کي سڃاڻي، ان جي وڏائيءَ ۽ هيڪڙائيءَ کي تسليم ڪري ۽ سندس بندگيءَ جو حق ادا ڪري. سڀ کان وڌيڪ الله تعاليٰ سان محبت ڪري. الله جو پيارو رسول ﷺ به انسان ذات جو عظيم محسن ۽ اسان سان سچو پيار ڪندڙ آهي. تنهنڪري اسان تي لازم آهي ته پنهنجي پياري رسول ﷺ سان گهڻي محبت ڪريون. سندن ادب، احترام ۽ حڪمن جي پيروي ڪريون. اسان کي گهرجي ته اسين سڀني انسانن جا گهڻگهرا ۽ خيرخواهه ٿي رهون، ڪنهن به انسان لاءِ پنهنجي دل ۾ ڪينو، ڪلفت، ساڙ ۽ حسد نه رکون. جيڪي اسان جا مخالف هجن، اسان کي تن سان به

خيرخواهي ۽ ڀلائي ڪرڻ گھرجي. اسان کي گھرجي تہ ماءُ پيءُ جو چيو مڃون، انهن جي حڪمن جي فرمانبرداري ڪريون ۽ ڪنهن بہ حالت ۾ سندن دل نہ رنجايون. اهڙيءَ طرح پاڙيسري ۽ مٽن مائٽن سان سهڻو سلوڪ ڪرڻ بہ انسانيت جي وڏندڙ صفت آهي. وڏن جو احترام، هڪ جيڏن سان مروت ۽ لحاظ، ننڍن تي شفقت ۽ مهرباني بہ اعليٰ انساني گڻ آهي.

انسانيت اسان کي سيکاري ٿي تہ جيڪڏهن ڪو ماڻهو اسان کي ڏک يا تڪليف پهچائي تہ اسين ان کي معاف ڪري ڇڏيون. ڪائنس بدلو نہ وٺون. اجان بہ ٿي سگهي تہ برائيءَ جي جواب ۾ ساڻس ڀلائي ڪريون تہ ان جي نتيجي ۾ الله تعاليٰ اسان جي بهتري ڪندو ۽ ڪاميابيءَ سان نوازيندو.

دنيا ۾ ڪنهن بہ انسان کي ڪو ڏک پهچي تہ اسين ان کي پنهنجو ڏک سمجهون ۽ ڪوشش ڪري ڏکايل انسان جو ڏک ڏُور ڪريون. مسڪينن جي مدد ڪرڻ، بکئي کي کارائڻ، بيمار کان طبيعت پڇڻ، ضرورتمند جي ضرورت پوري ڪرڻ، معذور، بيوا ۽ يتيم جي واهر ڪرڻ، مسافر ۽ پرديسيءَ جي پرگهور لهڻ، اهي سڀ انسانيت جا گڻ آهن.

قرآن شريف ۾ آهي تہ الله جا نيڪ ٻانها زمين تي عاجزيءَ ۽ نوڙت سان هلندا آهن. ان ڪري انسانيت جو اعليٰ سبق اهو پڻ آهي تہ اسين هر قسم جي تڪبر کان بچون. پاڻ کي ٻين کان ڀلو نہ سمجهون، بلڪ پاڻ کي سڀني کان گهٽ، عاجز انسان سمجهون. نيازمنديءَ ۽ نوڙت کي پنهنجي سيرت جو حصو بڻايون، انهيءَ ۾ عظمت آهي.

# مشق

## ا هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. الله تعاليٰ انسان جي صحيح هدايت لاءِ ڪير موڪليا؟

ج. اَلله تعاليٰ انسان جي صحيح هدايت لاءِ پيغمبر موڪليا.

2. انسانيت جو اعليٰ سبق ڪهڙو آهي؟

ج. انسانيت جو اعليٰ سبق حق ۽ سچ جو رستو ڏيکارڻ آهي.

3. اسان کي ماءُ پيءُ سان ڪيئن هلڻ گهرجي؟

ج. اَسان کي ماءُ پيءُ جو چيو مڃڻ گهرجي ۽ انهن جي دل نہ رَنجائڻ گهرجي.

4. الله تعاليٰ انسان کي شرف بخشي ڇا بڻايو آهي؟

ج. اَلله تعاليٰ انسان کي شرف بخشي کيس اشرف المخلوقات بڻايو آهي.

## ب هيٺيان خال ڀريو:

1. ڪو بہ انسان جهڙا هتي ڪم ڪندو ان جو بدلو ___آخرت___ ۾ پائيندو.
2. اسان کي گهرجي تہ ماءُ پيءُ جو چيو ___مڃيون___.
3. انسان جي صحيح هدايت لاءِ الله تعاليٰ ڪيترائي ___پيغمبر___ موڪليا.
4. تڪبر ۽ هٺ ڪرڻ وارو انسان، الله تعاليٰ کي هرگز ___پسند___ نہ آهي.

## ج صحيح جملي جي سامهون ”ص“ ۽ غلط جملي جي سامهون ”غ“ لکو.

1. انسان کي حق ۽ باطل ۾ فرق ڪرڻ لاءِ ۽ صحيح هدايت لاءِ الله تعاليٰ هزارين پيغمبر موڪليا. **ص**
2. وڏن جو احترام ڪرڻ ۽ ننڍن تي شفقت ۽ مهرباني ادنيٰ انساني گڻ آهن. **غ**
3. انسانيت جو اعليٰ گڻ اهو به آهي ته اسين هر قسم جي تڪبر کان بچون. **ص**
4. نيازمندي ۽ نوڙت کي پنهنجي سيرت جو حصو بڻايون. **ص**
5. هيءَ حقيقت آهي ته ڪوبه انسان جهڙا هتي ڪم ڪندو ان جو بدلو هِتي ئي پائيندو. **غ**

## د هيٺين لفظن جا ضد لکو.

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| سچو | ڪوڙو | اعليٰ | اَدنيٰ |
| دنيا | آخرت | پيار | نفرت |
| ڏک | سک | خاص | عام |

## ر لفظن جي معنيٰ لکيو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| بندگي | عبادت |
| جملو | سموري بندگي الله لاءِ آهي. |

| | |
|---|---|
| محسن | احسان ڪندڙ |
| جملو | حضور صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جن انسان ذات جا وڏا محسن آهن. |
| هدايت | رهنمائي |
| جملو | الله تعاليٰ صحيح هدايت لاءِ انسانن لاءِ پيغمبر موڪليا. |
| ڪلفت | نفرت |
| جملو | دل ۾ ڪڏهن بہ ڪلفت نہ رکڻ ڪپي. |

سبق 35

# همت ۽ مردانگي

## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
| --- | --- | --- | --- |
| بي ڪسي | بي وسيلائي | بيگانگي | ڌارياڻپ |
| همت | طاقت | مردانگي | مرد جي جرئت |
| ٺڪَرَ ٺڪجي پوَڻ | ڪم آسان ٿيڻ | جرئت | همت |
| آڏو | اڳيان | واسي | رهندڙ |

## بيتن جي سمجهاڻي

ديس منهنجي جا جوان ڇڏ بي ڪسي، بيگانگي،
همتن جي ديس ۾ سک همت ۽ مردانگي.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر ”نديم تصور“ چوي ٿو ته منهنجي وطن جا جوان هي ملڪ همت وارن جو آهي، تون به همت ۽ مُڙسي سک، پاڻ مان بي ڪسي ۽ بيگانگيءَ واري عادت ختم ڪر.

تنهنجي همت تنهنجي محنت سان ٺڪَرَ ٺُڪجي پون،
تنهنجي جرئت جي ڪري پاڻيءَ ۾ رستا ٿي پون.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر ”نديم تصور“ چوي ٿو ته جوان! اها تنهنجي همت ۽ محنت آهي جو تون ٺڪرن کي ٺُڪي ٿو ڇڏين ۽ تون پنهنجي عقل واري طاقت سان پاڻيءَ ۾ به رستا ناهي ٿو ڇڏين.

تنهنجي محنت ساڻ ئي تنهنجي وطن جو شان آ،
تون وطن جو شان آهين، وطن تنهنجو مان آ.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر ”نديم تصور“ چوي ٿو ته جوان! تنهنجي

محنت سان ئي وطن جو شان وڌي ٿو، تنهنڪري تون پنهنجي وطن جو شان آهين ۽ وطن وري تنهنجو مان آهي.

تنهنجي آڏو ڇا جبل ۽ طوفان آهن ڇا پلا؟

همتي ماڻهن جي آڏو ڪائي مشڪل ڪانہ آ.

**سمجهاڻي**: هن بيت ۾ شاعر ”نديم تصور“ چوي ٿو تہ جوان! تنهنجي اڳيان ايندڙ جبل ۽ طوفان ڪجهہ بہ نہ آهن، ڇوتہ همت وارن جي اڳيان اها ڪا وڏي مشڪل نہ آهي.

زندگي ساري ”تصور“ ملڪ جي خدمت ڪجي،

ديس واسين کي هميشہ پيار ۽ عزت ڏجي.

**سمجهاڻي**: هن بيت ۾ شاعر ”نديم تصور“ اسان سڀني کي صلاح ڏيندي چوي ٿو تہ سڄي زندگي پنهنجي ملڪ جي خدمت ڪرڻ گهرجي ۽ هن ملڪ ۾ رهڻ وارن کي سدائين پيار ۽ عزت ڏيڻ گهرجي.

## مشق

### ١ هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. همت سان ڇا ٿو ٿئي؟

   همت سان ٽڪر ٽُڪجي پون ٿا ۽ پاڻيءَ ۾ رستا ٺهي پون ٿا.

2. وطن جو شان ڪنهن سان آهي؟

   وطن جو شان محبت سان آهي.

3. ڪهڙن ماڻهن جي آڏو طوفان بہ ڪجهہ نہ آهن؟

   همتي ماڻهن جي آڏو طوفان بہ ڪجهہ نہ آهن.

## ب لفظن جي معنيٰ لکوءِ جملن ۾ ڪم آڻيو.

| لفظ | معنيٰ |
| --- | --- |
| زندگي | حياتي |
| جملو | اَسان کي سموري زندگي وطن جي خدمت ڪرڻ گهرجي. |
| جرئت | همت |
| جملو | انسان جي جرئت سان ئي مشڪل ڪم آساني تي پوي ٿو. |
| مشڪل | ڏکيائي |
| جملو | همت ڪرڻ سان مشڪل بہ آسان ٿي پوي ٿي. |
| همت | طاقت |
| جملو | همت سان ٽکر بہ ٽڪجي پون ٿا. |

## ج هيٺين لفظن جا ضد لکو.

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
| --- | --- | --- | --- |
| جوان | پوڙهو | هميشہ | ڪڏهن ڪڏهن |
| آڏو | پويان | سُک | ڏک |
| مشڪل | آساني | پيار | نفرت |